مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 16 آڪٽوبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 4 جمادي الاول 1448ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

نبين سڳورن تي اعتماد نہ ڪرڻ جو وبال (سيپارو: 1، سورهٔ بقرة: 55)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... 70 ماڻهو مٿا، وري بيهر زندهه ٿي ويا (واقعو)
- ... نبي تي اعتماد ايمان جي جان آهي
- ... پيٽ ڪوڙو، قرآن سچو آهي (واقعو)
- ... عقل جو دائرهٔ ڪار

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 6، حديثِ پاڪ نمبر: 6 آهي:

لَا وُضُوْءَ لِمَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

ترجمو: ان جو وضو ناهي، جيڪو نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود نہ پڙهي.[1]

وضاحت: علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان شخص جو وضو مڪمل فضيلت وارو ناهي، جيڪو وضوءَ ڪان پوءِ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.[2]

یہ وظیفہ ہے قوّتِ مومن ہونے دے گا نہ خَم درود و سلام
طاعتیں سب اُسی سے ہیں مَقْبُول طاعتوں میں اَتم درود و سلام
بلکہ یہ ہے مُتَمِّمُ الْاَعْمَال ہر عمل میں اَہم درود و سلام

وضاحت: مُتَمِّمُ الْاَعْمَال: يعني عملن کي مڪمل ڪرڻ وارو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...معجم كبير، جلد:3، صفحه:470، حديث:5566۔
2...تيسير شرح جامع صغير، جلد:2، صفحه:503 مفصلاً۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۶﴾ (سيپارو: 1، البقرة: 55_ 56)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰه عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلّم

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان چيو: اي موسيٰ! اسان هرگز توهان جو يقين نہ ڪنداسين جيستائين ظاهر ظهور خدا کي نہ ڏسي ونون پوءِ توهان جي ڏسندي ئي ڏسندي توهان کي ڪڙڪ (گجگوڙ) اچي ورتو پوءِ توهان جي موت کان پوءِ اسان توهان کي زنده ڪيو تہ جيئن توهان شڪر ادا ڪريو.

70 جڻا مڻ پوءِ وري جيئرا ٿي ويا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جا نبي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تورات شريف ونڊ لاءِ ڪوهِ طور تي تشريف کڻي ويا، پنيان بني اسرائيل گابي جي پوڄا شروع ڪري ڇڏي. پاڻ واپس تشريف کڻي آيا، کين توبہ ڪرائي، ڏوهہ انتهائي سخت هو، توبہ جو تقاضو پورو ڪرڻ لاءِ بني اسرائيل جا 70 هزار ماڻهو قتل ڪيا ويا. ان کان پوءِ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: بني اسرائيل مان 70 ماڻهو چونديو! انهن کي وٺي ڪوهِ طور تي اچو! اهي الله پاڪ جي حضور معذرت پيش ڪن.

اها الله پاڪ جي طرفان هڪ وڏي ڪرم نوازي هئي جو اهي هئا تہ ڏوهاري، ان جي باوجود مٿن عذاب نازل نہ فرمايائين بلڪ انهن کي توبہ جي توفيق عطا فرمائي، پوءِ معذرت پيش ڪرڻ جي اجازت بہ عطا فرمائي ڇڏيائين. اهي 70 ماڻهو اهي هئا جيڪي گابي جي پوڄا ۾ شريڪ نہ هئا، کين پنهنجي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو شرف بہ بخشيائين.

پر هي بہ عجيب ماڻهو هئا. ڏوهہ ڪندا هئا، الله پاڪ انعام فرمائيندو هو، هي شڪر ڪرڻ جي بدران وري ٻيو ڏوهہ ڪري وجهندا هئا. ان وقت اهڙو ئي معاملو ٿيو، اهي 70 ڄڻا ڪوهِ طور تي ان لاءِ آيا هئا تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ معذرت پيش ڪن، پر هنن چا ڪيو...؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاِذْ قُلْتُمْ

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان چيو: (سيپارو: 1، البقرة: 55)

يعني اي بني اسرائيل! هي واقعو بہ ياد ڪريو! توهان جي وڏن مان 70 ڄڻن کي ڪوهِ طور تي گهرايو ويو هو، انهن الله پاڪ جي دربار ۾ معذرت پيش ڪرڻ ۽ شڪر ادا ڪرڻ جي بدران ابتو گستاخي ڪئي، چيائون:

يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً

ترجمو ڪنزُالعرفان: اي موسيٰ! اسان هرگز توهان جو يقين نہ ڪنداسين جيستائين ظاهر ظهور خدا کي نہ ڏسي ونون. (سيپارو: 1، البقرة: 55)

انهن جي ان گستاخيءَ جي انهن کي اها سزا ملي جو

فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: پوءِ توهان جي ڏسندي ئي ڏسندي توهان کي ڪڙڪ (گجگوڙ) اچي ورتو. (سيپارو: 1، البقرة: 55)

يعني انهن 70 ڄڻن تي آسمان مان گجگوڙ ٿي، بجلي ڪري، ڏسندي ئي ڏسندي اهي 70 جا 70 ڄڻا واري واري سان موت جي منهن ۾ هليا ويا.

هاڻي جڏهن اهي 70 ڄڻا مري ويا تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي مٿن رحم آيو، پاڻ عرض ڪيائون: اي الله پاڪ! هي 70 ماڻهو هتي مري ويندا تہ مان بني اسرائيل کي چا جواب ڏيندس؟ تنهنڪري اي رحمٰن ۽ رحيم ربَّ! رحم

فرماءِ، ڪين وري جيئرو فرماءِ! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اها دعا قبول ٿي. (1) الله پاڪ فرمائي ٿو:

ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: پوءِ توهان جي موت کان پوءِ اسان توهان کي زندهه ڪيو ته جيئن توهان شڪر ادا ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 56)

سبحان الله! خبر پئي: الله پاڪ جو قرب رکندڙن ۽ سندس پيارن پانهن جي دعا جي برڪت سان مئل به جيئرا ٿي پوندا آهن.

(1): الله پاڪ جي ديدار جو شوق

پيارا اسلامي پائرو! هي قرآني واقعو جيڪو انهن آيتن ۾ بيان ٿيو، ان مان اسان کي 2 تمام وڏيون اهم ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون: (1): انهن 70 چڻن جو مطالبو، اهو ڇا هو؟ ته اسان کي الله پاڪ جو ديدار ڪرايو وڃي، (2): ٻيو آهي: ان مطالبي جو انداز

جيتري قدر ڳالهه آهي انهن جي مطالبي جي ته اهو شرعاً غلط نہ هو. خود الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام به اهو مطالبو ڪيو هو، جڏهن ڪوهِ طور تي حاضري ٿي، عرض ڪيائون:

رَبِّ اَرِنِیْۤ

ترجمو ڪنزُالعرفان: اي منهنجا رب! مونکي پنهنجو جلوو ڏيکار. (سيپارو: 9، الاعراف: 143)

الله پاڪ فرمايو:

لَنْ تَرٰىنِیْ

1...تفسير بغوی ، پاره:1، البقرة، زيرِ آيت:55، جلد:1، صفحه:51 و 52 خلاصةً۔

ترجمو ڪنزُالعرفان: تون مونکي هرگز نہ ڏسي سگھندين. (سيپارو: 9، الاعراف: 143)

معلوم ٿيو: هي شوق تہ مون کي الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿئي، تمام سنو شوق آهي. مبارڪ حديثن ۾ ان جي فضيلت آيل آهي. محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ لِقَاءَ اللّٰهِ اَحَبَّ اللّٰهُ لِقَاءَهٗ جيڪو الله پاڪ سان ملڻ کي پسند ڪندو آهي، الله پاڪ سندس ملاقات کي پسند فرمائيندو آهي. (1)

نيڪ ٻانها ديدار جو شوق رکندا آهن

هڪ حديثِ قدسيءَ ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: فَاِنَّ شَوْقَهُمْ اِلَيَّ لِقَائِيْ وَاِنِّيْ اِلَيْهِمْ لَاَشَدُّ شَوْقًا يعني نيڪ ٻانها مون سان ملڻ جو تمام گھڻو شوق رکندا آهن، ۽ مان سندن ملاقات جو انهن کان بہ وڌيڪ مشتاق آهيان. (2)

الله پاڪ پنهنجو ديدار عطا فرمايو

حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا وليُ الله ٿي گذريا آهن، سندن وصال کان پوءِ ڪنهن کين خواب ۾ ڏسي پڇيو: شيخ ورَّاق ۽ شيخ نصر (رحمة الله عليهما) ڪهڙي حال ۾ آهن؟ فرمايائون: الله پاڪ کين جنّتي نعمتون عطا ڪيون آهن، مزي سان کائين پين پيا. خواب ڏسندڙ پڇيو: اوهان تي ڪهڙي عنايت ٿي؟ فرمايائون: الله پاڪ کي خبر هئي تہ مون کي کائڻ پيئڻ ۾ ڪا رغبت نہ هئي، ان ڪري الله پاڪ مون کي پنهنجو ديدار عطا فرمايو. (3)

الله پاڪ شوق پورو فرمايو

حضرت حارث بن ابو اَوفيٰ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ٿي گذريا آهن، سندن هڪ غير مسلم پاڙيسري هو، هڪ ڀيري هو بيمار ٿي پيو، پاڻ سندس

1...بخاری، کتاب الرقاق، باب من احب لقاء اللہ ...الخ، صفحہ:1598، حدیث:6507۔

2...حلیۃ الاولیاء، رقم:544، سھل بن عبداللہ، جلد:10، صفحہ:202، رقم:14924۔

3... انوار جمال مصطفےٰ، آداب تلاوت قرآن، صفحہ:331۔

عيادت لاءِ ويا ۽ الله پاڪ جي رحمت جي پروسي تي فرمايائون: ڪلمو پڙهي وڻ! مان تنهنجي لاءِ جنت جي ضمانت ڏيان ٿو. غير مسلم چيو: جنت کان به مٿانهين شيءِ جي ضمانت ڏيو! پاڻ وري الله پاڪ جي رحمت جي پروسي تي فرمايائون: نيڪ آهي، ڪلمو پڙهه! مان توکي الله پاڪ جي ديدار جي ضمانت ڏيان ٿو. اهو بڌندي ئي ان غير مسلم ديدارِ الاهيءَ جي شوق ۾ ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو. خدا جو ڪرڻ ائين ٿيو جو هو ان بيماريءَ ۾ ئي مري ويو. سندس موت کان پوءِ هڪ ڏينهن حضرت حارث رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کيس خواب ۾ ڏسي پڇيو: ڇا معاملو ٿيو؟ چيائين: منهنجي روح کي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويو، الله پاڪ فرمايو: تو منهنجي ديدار جي شوق ۾ ڪلمو پڙهيو هو، فَلَكَ الرِّضَاءُ وَالِّلقَاءُ تنهنڪري توکي منهنجي رضا ۽ ديدار ٻئي عطا ڪيا وڃن ٿا. (1)

سبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اها وڏي نيڪي آهي. دل ۾ الله پاڪ جي ديدار جو شوق هجڻ گهرجي. الله پاڪ نصيب فرمائي.

آمدِ حشر سے اک عید ہے مشتاقوں کی | اسی پردے میں تو ہے جلوۂ زیبا تیرا (2)

وضاحت: الله پاڪ جي ديدار جي سڪ وارن کي حشر جي ڏينهن جو انتظار آهي، هيءَ دنيا ئي تہ ربّ جي ديدار کان پردو آهي، قيامت جي ڏينهن ئي ديدار جي دولت نصيب ٿيندي.

ضروري وضاحت

هڪ وضاحت ڪري ڇڏيان: دنيا ۾ جاڳندي اکين سان الله پاڪ جو ديدار شرعاً جائز نہ آهي. (3) صرف ۽ صرف پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...نوادرُ القليوبی، صفحہ:59۔

2...ذوقِ نعت، صفحہ:21۔

3...دارالافتاء اہلسنت، ریفرینس نمبر: Nor:12987۔

جن کي اهو رتبو نصيب ٿيو، پاڻ سڳورن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نٿو ملي سگهي. ان ڪري دنيا ۾ جاڳندي اکين سان الله پاڪ جو ديدار گهرڻ جي دعا اسان نٿا گهري سگهون. ها! دل ۾ ان جو شوق رکو! ڪهڙي خبر خواب ۾ اها سعادت ملي وڃي، اهو به نہ ٿيو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! جنت ۾ تہ هر مسلمان کي اها سعادت نصيب ٿيندي. الله پاڪ اسان کي ايمان تي استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

گدا بھی منتظر ہے خلد میں نیکوں کی دعوت کا
خُدا دِن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا (1)

وضاحت: جنت ۾ نيڪ ٻانهن جي دعوت ٿيندي، هي فقير به ان ڏينهن جي انتظار ۾ آهي، خدا اهو ڏينهن خير سان آڻي، سخي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي گهر (يعني جنت ۾) ميزباني نصيب ٿيندي.

(2): انبياءِ ڪرام عليهم السلام تي اعتماد نہ ڪرڻ جو وبال

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل جي انهن 70 ڄڻن جو اهو مطالبو شرعاً صحيح هو پر انهن جنهن انداز ۾ اهو مطالبو ڪيو، اهو انداز بلڪل غلط هو. انهن چا چيو:

یٰمُوْسٰی لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً

ترجمو ڪنزُالعرفان: اي موسيٰ! اسان هرگز توهان جو يقين نہ ڪنداسين جيستائين ظاهر ظهور خدا کي نہ ڏسي ونون. (سيپارو: 1، البقرة: 55)

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:37۔

يعني اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام! جيستائين اوهان اسان کي الله پاڪ جو ديدار نٿا ڪرايو، تيستائين اسان اوهان جو يقين ئي نہ ڪنداسين.

يعني انهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي اعتماد نہ ڪيو [1] سندن ڳالهہ مڃڻ جي بدران پنهنجين اکين سان ڏسڻ تي زور ڏنائون: اها ئي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي بي اعتمادي هئي، جنهن جي انهن کي سزا ملي، ان مهل ئي آسمان مان بجلي ڪري ۽ هي سڀ موت جي منهن ۾ پهچي ويا.

خبر پئي: نبيءَ جي زبان تي اعتماد نہ ڪرڻ تمام وڏو ڏوهہ آهي، جنهن جي سزا انتهائي سخت ملندي آهي.

نبيءَ تي اعتماد ايمان جي جان آهي

پيارا اسلامي پائرو! اسان الحمد لله مسلمان آهيون. مسلمان جي معنيٰ ڄاڻو ٿا تہ ڇا آهي؟ الله ۽ رسول جي فرمان اڳيان سر جهڪائيندڙ! يعني سچو پڪو مسلمان اهو هوندو آهي جيڪو الله ۽ رسول جي فرمان جي مقابلي ۾ پنهنجي دل، دماغ، اکين، ڪنن وغيره جي نٿو ٻڌي بلڪ جيڪو ڪجهہ فرمايو وڃي، ان کي دل جي گهرائين سان مڃ ڪري اکيون ٻوٽي مڃي وٺندو آهي. ۽ هي جيڪو اعتماد آهي، يعني نبيءَ جي فرمان تي پڪو يقين...!! اهو ايمان جي جان آهي. جيڪي الله ۽ رسول جي ارشادات تي بنا ڏٺي ايمان آڻين ٿا، انهن جي تعريف ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ

ترجمو ڪنزُالعرفان: اهي ماڻهو جيڪي اڻ ڏٺي ايمان آڻن ٿا. (سپارو: 1، البقرة:3)

هن آيت جي تحت مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان

1...تفسير نعيمي، پاره:1، البقرة، زيرِ آيت:55، جلد:1، صفحہ:397 خلاصةً۔

نعيمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: الله ۽ رسول صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم تي اعتماد هجڻ ايمان جي حقيقت آهي. شيءِ کي ڏسي يا ٻڌي تہ هر ڪو ماڻهو مڃي ونندو آهي، پر جيڪا شيءِ ان کان غائب هجي ۽ عقل ۾ نہ اچي، ان کي صرف ان ڪري مڃي ونڻ جو اها رسولُ الله صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جن فرمائي آهي، اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ ان جي دل ۾ اطاعت جو جذبو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: سچ پچو تہ ايمان جي جان تہ اها آهي تہ رسولُ الله صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جي خبر تي پنهنجن حواسن (اکين، ڪنن، عقل وغيره) کان بہ وڌيڪ پروسو هجي. جيڪڏهن اسان اکين سان ڏسي رهيا آهيون تہ هن وقت ڏينهن آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم فرمائن ٿا تہ هن مهل رات آهي، تہ اسان جي اک ڪوڙي آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم سچا آهن، ڇو تہ اسان جي اک هزار ڀيرا خطا ڪائي سگهي ٿي پر پاڻ سڳورن جو فرمان ڪڏهن بہ غلط نٿو ٿي سگهي. (1)

شاہانِ جہاں کیونکر رکھیں نہ سر آنکھوں پر
فرمانِ الٰہی ہے فرمان مُحَمَّد کا
حُور و مَلک و غِلْماں جِنّ و بَشر و حَیَواں
لیتے ہیں سبھی سَر پر فَرْمان مُحَمَّد کا(2)

ٻڪريءَ جون ٽنگون (دستيون)

حضرت ابو عُبيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، هڪ ڀيري هنن رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جن جي ڪاڏي تي دعوت ڪئي، ٻڪريءَ جو گوشت رڌائون. ڪاڏو شروع ٿيو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّىاللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جن فرمايو: فَاوِلِنِیْ ذِرَاعَهَا مون کي هن ٻڪريءَ جي دستي (يعني اڳين ٽنگ) ڪٽي

1...تفسير نعيمي، پاره:1، البقرة، زيرِ آيت:3 جلد:1، صفحہ:128 ملتقطًا۔

2...قبالۂ بخشش، صفحہ:74۔

ڏي! پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي دستيءَ جو گوشت پسند هو. حضرت ابو عبيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه دستي پيش ڪئي. ڪجهه دير کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري فرمايو: نَاوِلْنِی الذِّرَاعَ مون کي دستي ڏي! حضرت ابو عبيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بي دستي ۾ پيش ڪري ڇڏي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري ارشاد فرمايو: نَاوِلْنِی الذِّرَاعَ مون کي دستي ڏي! حضرت ابو عبيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! بڪريءَ جون ڪيتريون دستيون ٿيندیون آهن؟ (يعني بڪريءَ جون اڳيون ٽنگون ته ۽ ئي هوندیون آهن ۽ بئي مان پيش ڪري ڇڪو آهيان). ان تي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن تون خاموش رهين ها ته جيستائين مان گهرندو رهان ها، تون بڪريءَ جي دستي ڪٽي ڏيندو رهين ها، بڪريءَ جون دستيون ڪڏهن ختم نہ ٿين ها. (1)

هتي ڏسو! صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي ڪهڙي پياري تربيت ڪئي وئي آهي. بڪريءَ جون ۽ دستيون ٿيندیون آهن، اها ڳالهه بلڪل واضح آهي، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ڇاڻن ٿا، صحابي ۽ ڇاڻي ٿو، پر رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تربيت فرمائي ته اکين ڏني حقيقت تي نہ وجو! منهنجي فرمان تي بنياد رکو! اڄ جيڪڏهن تون منهنجي فرمان تي اکيون ٻوٽي ڇڏين ها ته مان گهرندو وڃان ها ۽ تون ڏيندو وڃين ها، بڪريءَ جون دستيون ڪڏهن کٽن ئي نہ ها.

خبر پئي: اسان جي اک جيڪو ڪجهه ڏسي رهي آهي، جيڪڏهن الله ۽ رسول جو فرمان ان جي برعڪس هجي ته ۽ اسان جي اک ڪوڙي آهي، پر الله ۽ سندس رسول جو فرمان سچو آهي.

1... دارمی، مقدمہ، باب ما اکرم بہ...الخ، صفحہ:40، حدیث:45۔

حضرت خُزيمہ جي بي مثال شاهدي

حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اعرابي (ڳوٺاڻي) کان گهوڑو خريد فرمايو، هو وڪڻڻ کان بعد قري ويو ۽ گواهہ گهرڻ لڳو. جيڪو مسلمان بہ ايندو هو، ان اعرابيءَ کي چڙهون ڏئي چوندو هو تہ تنهنجو ناس ٿئي، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حق کان سواءِ ڇا فرمائيندا (پر گواهي ڪوبہ نہ ڏيو ڇو تہ ڪنهن جي سامهون جو واقعو نہ هو)، ايتري ۾ حضرت خُزيمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه تشريف فرما ٿيا ۽ ڳالهہ ٻڌي چيائون: مان شاهدي ڏيان ٿو تہ تو حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ ئي گهوڑو وڪرو ڪيو آهي. رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: تون تہ موقعي تي موجود ئي نہ هئين، پوءِ تو گواهي ڪيئن ڏني؟ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي تصديق جي بنياد تي شاهدي ڏئي رهيو آهيان: ۽ هڪ روايت ۾ آهي: مان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آندل دين تي ايمان آندو آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حق ئي فرمائيندا، مان جڏهن آسمان ۽ زمين جي غيبي خبرن تي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تصديق ڪريان ٿو تہ ڇا ان اعرابيءَ جي مقابلي ۾ تصديق نہ ڪندس؟ ان انعام ۾ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشہ لاءِ سندن اڪيلي شاهديءَ کي 2 مردن جي شاهديءَ جي برابر فرمائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: خُزيمہ جنهن ڪنهن جي فائدي يا نقصان جي شاهدي ڏئي، اها اڪيلي انهن جي شاهدي ڪافي آهي. (1)

پيٽ ڪوڙو، الله پاڪ جو فرمان سچو آهي

بخاري شريف ۾ روايت آهي، هڪ دفعي هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي ڀاءُ جو پيٽ

1...ابو داؤد، كتاب الاقضية، باب اذا علم الحاكم صدق...الخ، صفحہ:572، حديث:3607 مفصلًا۔

خراب آهي (يعني ڪيس دست اچي رهيا آهن). (1)

سبحان الله! صحابۂ ڪرام عليهم الرضوان جو انداز ڏسو! پيٽ خراب آهي، دست اچن پيا تہ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ گهرجي ها، پر صحابۂ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ڇاڻندا هئا تہ سمورن طبيبن جا طبيب الله جا محبوب ئي آهن، جيڪي دلين کي خراب عادتن کان شفا ڏين ٿا، ظاهري مرضن کان بہ چوٽڪارو بخشي سگهن ٿا.

مریضانِ جہاں کو تُم شفا دیتے ہو دَم بھر میں

خُدارا دَرد کا ہو میرے دَرماں یارَسُولَ اللہ!(2)

خير! انهن صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي پاڻ جي بيماريۂ بابت عرض ڪيو، محبوب ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪيس ماڪي پيار! هو واپس ويو ۽ پنهنجي پاڻ کي ماڪي پياريائون. هاڻي مسئلو حل ٿيڻ بجاءِ اجا بہ وڌي ويو، يعني پهرين کان بہ وڌيڪ دست اچڻ لڳا. وري دربار ۾ حاضر ٿيا، محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وري فرمايو: ڪيس ماڪي پيار! واپس ويو، ٻيهر ماڪي پياريائون. دست اجا بہ وڌي ويا. ٽئين دفعي حاضر ٿيا، عذر پيش ڪيائون، وري بہ اهو ئي حڪم مليو، واپس ويا، وڌيڪ ماڪي پياريائون. دستن ۾ اجا شدت اچي وئي. چوٽين پيري وري حاضر ٿيا، عرض پيش ڪيائون، فرمايائون: الله پاڪ سچو آهي، تنهنجي پاڻ جو پيٽ ڪوڙو آهي! (يعني مون کي تنهنجي پاڻ جي بيماريۂ بابت وحيۂ ذريعي فرمايو ويو آهي تہ ان جو علاج ماڪيۂ ۾ آهي هاڻي جيڪڏهن ماڪي پيئڻ سان بيماري نيڪ نٿي ٿئي، تڏهن بہ الله پاڪ جو فرمان سچو آهي، قصور تنهنجي پاڻ جي پيٽ جو آهي)، هن پيري وري وڃ

1...بخاری، کتاب الطب، باب الدواء بالعسل، صفحہ:1441، حدیث:5684۔

2...قبالۂ بخشش، صفحہ226۔

ءِ ڪيس ماکي پيار! هن پيري هو صحابي واپس ويا، وڃي ماکي پياريائون تہ ڪيس شفا ملي وئي ءِ آرام اچي ويو. (1)

هاڻي هتي ڏسو! هڪ تہ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو بي مثل ءِ بي مثال ايمان آهي تہ الله پاڪ وحيءَ ذريعي فرمايو آهي تہ علاج ماکيءَ سان ٿيندو، پر 3 پيرا پيارڻ سان بہ نتيجو نہ نڪتو تہ پاڻ ڇا فرمايائون: الله سچو آهي، تنهنجي پاءُ جو پيٽ ڪوڙو آهي. (2)

معلوم ٿيو: سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بہ اهو ئي سبق آهي تہ اسان جي اکين ڏٺي حقيقت غلط ٿي سگهي ٿي پر الله پاڪ جو فرمان غلط نٿو ٿي سگهي.

پوءِ ان صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي ايمان تي بہ قربان وڃجي! اسان هڪ دفعو ڊاڪٽر وٽ ويندا آهيون، آرام نہ اچي تہ ٻيهر ويندا آهيون، ڊاڪٽر دوا مٽائي ڇڏيندو آهي، دل کي آڇت ايندي آهي تہ هن دوا سان آرام اچي ويندو، ان سان بہ نہ اچي تہ اسان ڊاڪٽر ئي بدلي ڪري ڇڏيندا آهيون. ان صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو ايمان ڏسو! دوا سان آرام تہ ڇا اڇٽو هو، مرض ويتر وڌندو ويو. ٻيهر حاضر ٿيا، ساڳي دوا ملي، مرض اڃا بہ وڌيو، وري حاضر ٿيا، دوا ساڳي ملي، بار بار چڪر لڳي رهيا آهن، نہ دوا بدلي ٿئي ٿي، نہ آرام اچي رهيو آهي، ان جي باوجود دل شڪستہ نہ ٿيا، ايترن چڪرن بعد بہ اعتماد نہ ٽٽو! ڇاڻن پيا تہ شفا ملڻي آهي تہ انهن جي ئي درِ پاڪ تان ملڻي آهي. ايمان اهڙو ئي هجڻ گهرجي. جيڪو محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، هاڻي دنيا هيڏانهن جي هوڏانهن ٿي وڃي، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان تان اسان جو ايمان نہ هٽڻ گهرجي.

1...بخاری، کتاب الطب، باب الدواء بالعسل، صفحہ:1441، حدیث:5684 مفصلًا۔

2...مرآۃ المناجیح، جلد:6، صفحہ:218۔

سچی بات سکھاتے یہ ہیں	سیدھی راہ دِکھاتے یہ ہیں
ٹُوٹی آسیں بَندھاتے یہ ہیں	جُھوٹی نَبضیں چلاتے یہ ہیں
دَافِع یعنی حافظ و حامی	دَفع بلا فرماتے یہ ہیں
اِن کا حُکم جہاں میں نافِذ	قبضہ گُل پہ رکھاتے یہ ہیں

وضاحت: اها ڳالهه هميشه ياد رکو ته احاديثِ مبارکه ۾ بڌايل علاج به تجربيڪار حڪيم جي مشوري مطابق ڪرڻ گهرجن، ڇوته هر ماڻهوءَ جي طبيعت ۽ ڪيفيت هڪجهڙي ناهي هوندي، ڪيترا ئي پيرا ائين ٿيندو آهي ته هڪ شيءِ هڪ ماڻهوءَ لاءِ فائديمند هوندي آهي ۽ ڪنهن ٻئي لاءِ نقصانڪار ٿي پوندي آهي.

قيامت جي ڏينهن اهلِ فترت جو حال

انسانن جو هڪ اهڙو طبقو به آهي جنهن کي اهلِ فترت سڏيو وڃي ٿو. ان مان مراد اهي ماڻهو آهن جن تائين ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي تبليغ نہ پهتي. [1] جهڙوڪ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي آسمان تي وڃڻ کان پوءِ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت کان اڳ تائين واري زماني کي ”زمانهءِ فترت“ چوندا آهن ۽ ان زماني جي ماڻهن کي اصحابِ فترت چيو وڃي ٿو. [2] قيامت واري ڏينهن انهن جو حشر ڪيئن ٿيندو؟ ڇا اهي جنت ۾ ويندا يا دوزخ جا حقدار هوندا؟ ان حوالي سان روايتن ۾ اچي ٿو: قيامت واري ڏينهن انهن ماڻهن کي گڏ ڪيو ويندو، الله پاڪ کين فرمائيندو: ”توهان سڀ جهنم ۾ هليا وڃو...!!

1...فتاوىٰ رضويه، جلد:28، صفحه:438۔

2...تفسيرِ نعيمي، پاره:6، سورۂ مائده، زيرِ آيت:19، جلد:6، صفحه:327۔

اهو حڪم ٻڌي انهن جا 2 گروهہ ٿي پوندا: هڪ گروهہ تہ حڪم ٻڌندي ئي جهنم ڈانهن ڊوڙي پوندو، ٻيو گروهہ عقل جا گهوڑا ڊوڙائيندي ربّ سان بحث ڪندو ۽ چوندو: اي الله پاڪ! اسان ڪهڙي ڏوهہ ۾ جهنم ۾ وجون، اسان تائين تہ تنهنجو دين پهتو ئي نہ.

هاڻي اهي ماڻهو جيڪي حڪم ٻڌندي ئي جهنم ڈانهن ڊوڙيا هئا، کين واپس گهرايو ويندو ۽ کين فرمايو ويندو: جهڙيءَ طرح اڄ توهان منهنجو حڪم مڃي ورتو، ائين ئي دنيا ۾ جيڪڏهن اوهان تائين دين پهچي ها تہ تڏهن بہ مڃي ونو ها، تنهنڪري توهان جنت جا حقدار آهيو. جڏهن تہ ٻيا ماڻهو جيڪي الله پاڪ جي حڪم جي مقابلي ۾ پنهنجي عقل جا گهوڑا ڊوڙائي رهيا هئا، تن کي فرمايو ويندو: جهڙيءَ طرح اڄ توهان حڪم نہ مڃيو، دنيا ۾ دين پهچي ها تڏهن بہ نہ مڃو ها، تنهنڪري توهان جهنم جا حقدار آهيو. (1)

معلوم ٿيو: اصل امتحان ئي اهو آهي تہ ڪير الله ۽ رسول جو حڪم خاموشي سان بنا ڏڻي مڃي ٿو، ۽ ڪير الله ۽ رسول جي حڪم جي مقابلي ۾ عقل جا گهوڑا ڊوڙائي ٿو. ان ڪري الله ۽ رسول جي فرمان تي دل جي گهرائين سان پڪو يقين رکو! ڪا ڳالهہ اسان جي سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اسان جي سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ اسان جو عقل گهٽ آهي، الله ۽ رسول جو فرمان اسان جي عقل کان مٿانهون آهي، ان کي سچ ڄاڻي مڃي ونو.

عقل پرستي جو فتنو

اڄڪلهہ جتي ڪوڙ سارا فتنہ ڦهلجي رهيا آهن، انهن ۾ هڪ فتنو ريشنل

1... مسالک الحنفا فی والدی المصطفی، صفحہ:13 خلاصۃً۔

ازم (Rationalism) يعني عقل پرستي جو ٻہ آهي. هونئن تہ هي تمام پراڻو فلسفو آهي. شايد گهڻا ماڻهو هن فلسفي کي ڄاڻندا ئي نہ هجن، پر هاڻي اچي ان جا اثرات تمام عام ٿيندا پيا وڃن، جنهن کي ڏسو! پنهنجي عقل جون ڳالهيون ڪري ٿو، ديني حڪمن جي مقابلي ۾ پنهنجي سمجهہ پيش ڪئي پئي وڃي ◈ڪنهن کي وياج جو حرام هجڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي ◈ڪو چوي ٿو: اسلام پردي جو حڪم ڇو ڏنو؟ ◈ڪو چوي ٿو: وراثت ۾ عورت جو اڌ حصو ڇو آهي؟ ◈ڪن نادان عورتن کي شڪايت هوندي آهي تہ مرد کي حڪمراني ڇو ڏني وئي؟ ◈ مرد کي 4 شادين جي موڪل آهي تہ ٻوءِ عورت ڪي ڇو ناهي؟ ◈عورتن تي پابنديون اسلام ڇو لڳايون آهن؟ وغيره وغيره ڪيترائي ديني مسئلا آهن، جيڪي ماڻهن جي سمجهہ ۾ نٿا اچن، ۽ جڏهن سمجهہ ۾ نٿا اچن تہ عمل نٿا ڪن بلڪ ڪي نادان ضد ۽ هٺ ڏرميءَ تي لهي ان کان انڪار ٻہ ڪري ويهن ٿا. الله پاڪ اسان کي اهڙي ناداني ءَ کان محفوظ فرمائي.

علم حاصل ڪرڻ جا 3 ذريعا

ڏسو! ڪنهن ٻہ شيءِ جو علم حاصل ڪرڻ جا 3 ذريعا هوندا آهن: (1): هڪ ذريعو اسان جا حواس آهن يعني اک، ڪن وغيره، تمام گهڻين شين کي اسان ڏسي ئي سڃاڻي ونندا آهيون، هيٺ زمين آهي، مٿي آسمان آهي، آسمان تي تارا چمڪن ٿا. اسان اک سان ڏٺو ۽ سڃاڻي ورتو، ايتري معلومات لاءِ اسان کي ڪجهہ ٻہ سکڻ پڙهڻ جي ضرورت ناهي هوندي. (2): علم جو ٻيو ذريعو اسان جو عقل آهي. تمام گهڻا علوم اهڙا آهن، جيڪي اسان رڳو اکين ۽ ڪنن سان نٿا سکي سگهون، انهن لاءِ اسان کي عقل هلائڻو پوي ٿو، جهڙوڪ: ◈ رياضي آهي ◈ سائنس آهي ◈ فزڪس، ڪيمسٽري وغيره، اهي علوم جن کي سکڻ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج وڃڻو پوي ٿو. (3): علم جو ٽيون ذريعو

وَحي آهي. ◈ اسان جا اهي معاملا ◈ اهي مسئلا ◈ ۽ مشڪلاتون جيڪي اسان عقل سان بہ حل نٿا ڪري سگھون، اهي ڳالهيون سمجھائڻ لاءِ اللہ پاڪ انبياءِ ڪرام موڪليا، متن وحي نازل فرمائي ۽ اسان تائين دين جو علم پھچايو.

معلوم ٿيو: وحي ۽ دين جون ڳالهيون شروع ئي اتان ٿيندیون آهن، جتي عقل جي پھچ ختم ٿي ويندي آهي. جڏهن دين جو مقام ئي اتان شروع ٿئي ٿو جتي عقل عاجز اچي وڃي تہ پوءِ پاڻ سوچيو! اسان دين کي پنهنجي عقل تي ڪيئن توري سگھون ٿا؟

عقل جو دائرهءِ ڪار

هڪ تاريخ دان هن جو وڏو پيارو مثال ڏنو آهي، لکي ٿو: عقل جو مثال سوناري جي ساهمي جھڙو آهي. سوناري جي ساهمي نهايت نازڪ ۽ ڪمال جي هوندي آهي، اها صرف گرام ئي نہ پر رتيون ۽ ماشا بہ ٻڌائي ڇڏيندي آهي، پر ان ساهميءَ تي اسان جبل کي نٿا توري سگھون. جيڪڏهن وڏو پٿر ڪٽي ان ننڍڙي سامهي تي رکنداسين تہ ساهمي ڀڃي پوندي. اهڙيءَ طرح دين جو مثال ان عظيم جبل جھڙو آهي، ۽ عقل جو مثال ان ننڍڙي ساهمي جھڙو آهي. اسان ديني احڪامن کي پنهنجي عقل سان نٿا توري سگھون، جيڪڏهن وحيءَ جي دائري ۾ عقل هلايو ويندو تہ انسان ڀٽڪجي ويندو. ان ڪري ديني احڪامن جون جيڪي حڪمتون سمجھ ۾ اچن، ان تي اللہ پاڪ جو شڪر ادا ڪريو! جيڪڏهن سمجھ ۾ نٿيون اچن تہ مجي وڃو تہ اسان جي سمجھ اڻپوري آهي، اللہ ۽ رسول جا ارشادات اسان جي سمجھ کان تمام مٿانهان آهن.[1]

گزر جا عقل سے آگے کہ یہ نُور | چَراغِ راہ ہے مَنزِل نہیں ہے

1...مقدمة ابن خلدون، الفصل السادس من الكتاب، الفصل العاشر فی علم الكلام ، صفحہ:425 خلاصتًہ۔

وضاحت: جڏهن دين ۾ شريعت جي ڳالهه اچي تہ عقل جي نہ بلڪ دين جي ڳالهه مڃڻي پوندي، الله پاڪ جو هي تحفو منزل تائين پهچڻ جي لاءِ هڪ رستو آهي پر خود منزل ناهي، منزل تہ الله پاڪ ۾ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪندي آخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ عقلمند هجڻ ◈ قدرتِ الاهي ۾ ديني معاملن ۾ غور ۾ فڪر ڪرڻ تمام سٺي ڳالهه آهي، اسلام ان جي اهميت بہ بيان ڪري ٿو، البت اهڙو عقل ◈ جيڪو الله پاڪ ۾ سندس پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان خلاف هجي، جنهن جي ڪري انسان اسلامي احڪامن تي اعتراض ڪري ◈ شريعت جي حڪمن اڳيان پنهنجي سمجهه کي اهميت ڏئي، اهڙو عقل، عقلمندي ناهي بلڪ عقل پرستي آهي.

اعتماد تہ ڪرڻو ئي پوندو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ اسان کي ڪنهن نہ ڪنهن تي اعتماد ڪرڻو ئي پوندو آهي. ڏسو! مان هڪ مثال پيش ڪريان ٿو: دنيا ۾ انسان جي شروعات ڪيئن ٿي؟ ان بابت هڪ نظريو ڊارون ڏنو تہ انسان پهريان پولڙو هو، پوءِ ترقي ڪندي ڪندي انسان بڻجي ويو. جيترا بہ غير مسلم آهن، عقل پرست آهن، جن جي اها دعويٰ آهي تہ عقل ئي سڀ ڪجهه آهي ۾ اسان عقل سان سمورا مسئلا حل ڪري سگهون ٿا اسان کي دين جي ڪا ضرورت ئي ناهي، اهي بي عقل ڊارون جي هن ڳالهه تي اعتماد ڪندا آهن. هي ڊارون ڪير هو؟ هڪ غير مسلم هو، ۾ قرآن پاڪ غير مسلم کي جانورن کان بہ بدتر قرار ڏنو آهي.

ٻئي پاسي قرآن ۾ حديث جا فيصلا آهن تہ انسان جي شروعات حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان ٿي، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي الله پاڪ پنهنجي قدرت سان پيدا فرمايو. اها حقيقت اسان کي ڪنهن ٻڌائي؟ ◈ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني

سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڌائي ◈ اها هستي جنهن آگر ڪنئي تہ چند جا 2 ٽڪرا ٿي پيا ◈ اشارو فرمايائون تہ لٽل سج موٽي آيو ◈ جن جي اڳيان جانور سجدا ڪندا هئا ◈ وڻ جن جي سلاميءَ لاءِ جهڪندا هئا ◈ پٿر جن جا ڪلما پڙهندا هئا. اسان الحَمدُلِلّٰه اهڙي باڪمال رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڳالهہ تي پڪو اعتماد ڪيون ٿا. نصيب پنهنجو پنهنجو آهي، ڪنهن نہ ڪنهن تي اعتماد ڪرڻو ئي پوندو. محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارشادات مان نڪرنداسين تہ غير مسلمن جا فريب ۽ باطل دعوائون مڃڻيون پونديون. تنهنڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو:

دِل کو جو عقل دے خُدا، تیری گلی سے جائے کیوں[1]

۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

وہ کہ اِس دَر کا ہُوا، خَلقِ خُدا اُس کی ہوئی

وہ کہ اِس دَر سے پھرا، اللہ اُس سے پھر گیا[2]

تنهنڪري هيڏانهن هوڏانهن جون نوڪرون ڪائڻ ڪان بهتر بلڪ لازم ۽ ضروري هي آهي تہ اسان محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانن ڪي دل و جان سان تسليم ڪريون. بنياد عقل تي نہ پر بنياد عشق تي رکو.

عقل کو تنقید سے فُرصَت نہیں | عشق پر اَعمال کی بنیاد رکھ

پنجابيءَ ۾ چوندا آهن:

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:94۔

2...حدائقِ بخشش، صفحہ:52۔

عِشْق دِے جَھلّے اِیْ نَمْبَرْ لَے گَئے
عَقْل مَنْدَاں اَیْوِیں عُمْراں گَالِیَاں

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عاشقِ رسول هئا، قيامت تائين ايندڙن جا سردار بڻجي ويا، ابوجهل ۽ ابولهب عقل جي غرور ۾ رهجي ذليل ۽ خوار ٿي ويا. تنهنڪري

عشق پر اَعْمال کی بنیاد رکھ

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ۔

فتاويٰ رضويہ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحَمدُ لِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي شعبي پاران مختلف ديني موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن. تازو ئي هڪ نهايت شاندار موبائل ايپلي ڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي جنهن جو نالو آهي: فتاويٰ رضويہ (Fatawa Razwia). ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ فتاويٰ رضويہ جا سمورا جلد موجود آهن ۽ هر جلد تحت رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست بہ شامل ڪئي وئي آهي ◈ فتاويٰ رضويه جا سمورا رسالا (جيڪي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پڇيل سوالن جي جوابن ۾ لکيا هئا انهن) جي عليحده فهرست بہ موجود آهي ◈ ايپلي ڪيشن ۾ تمام بهترين فيچر ايڊوانس سرچ (Advanced Search) جو آهي، جنهن ذريعي پنهنجي گهربل ڳالهہ نهايت آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿي، ڪنهن خاص جلد يا خاص رسالي ۾ بہ ڳولا جي سهولت ڏني وئي آهي ◈ جلد چونڊي ان ۾ گهربل صفحي

(Page) تي وڃي سگھجي ٿو ◈ اکرن جي فونٽ سائيز (Font Size) بہ پنھنجي مرضيءَ مطابق وڏي ننڍي ڪري سگھجي ٿي ◈ ايپلي ڪيشن ۾ پنھنجي پسنديده ڳالھ کي نوٽس (Notes) واري فيچر ۾ محفوظ، فيورٽس (Favorites) لسٽ ۾ داخل ۽ شيئر (Share) بہ ڪري سگھجي ٿو.

بيان کي پڃاڻيءَ ڏانھن آڻيندي ھڪ شرعي مسئلو پيش ڪريان ٿو:

درست ڇاآھي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڌي ويندڙ غلط فھميءَ جي نشاندھي)

مسئلو: آن لائن يا موبائل فون تي نڪاح جائز ناھي.

وضاحت: اڄڪلھ ھي مسئلو تمام عام آھي. ڪڏھن ڪھوٽ ٻئي ملڪ ۾ ھوندو آھي ۽ ڪنوار ڪنھن ٻئي ملڪ ۾ ھوندي آھي، گھر وارا اھو ذھن ناھي ونندا آھن تہ چلو! موبائل تي يا انٽرنيٽ جي وڊيو ڪال ذريعي نڪاح پڙھائي ڇڏيون ٿا. ياد رکو! اھڙيءَ طرح نڪاح ناھي ٿيندو. نڪاح صحيح ٿيڻ لاءِ شريعت ڪيترا ئي شرط رکيا آھن. انھن مان ھڪ بنيادي شرط اھو آھي تہ ڪھوٽ ۽ ڪنوار (يا سندن وڪيل) ٻئي ھڪ ئي مجلس ۾ موجود ھجن. موبائل وغيره ذريعي جيڪو نڪاح پڙھايو ويندو آھي، ان ۾ ڇو تہ ڪھوٽ ۽ ڪنوار ھڪ ئي مجلس ۾ ناھن ھوندا، ان ڪري اھڙيءَ طرح نڪاح ٿيندو ئي ناھي.[1] مسئلو نھايت اھم آھي ۽ نڪاح ۽ طلاق جي معاملن ۾ شرعي نزاڪتون بہ ھونديون آھن، تنھنڪري جڏھن بہ اھڙي صورتحال ھجي جو ڪھوٽ ۽ ڪنوار ھڪ جاءِ تي موجود نہ ھجن، تڏھن بہ سندن نڪاح ڪرائڻو ئي ھجي، تہ اڳوات دارالافتاءِ اھلسنت سان رابطو ڪري ان جو درست طريقو (مثلاً شرعي وڪالت جو طريقو) پڇي پوءِ ئي ڪو قدم کڻو! گھڻو ڪري معمولي غلطي پوري

1...ردالمحتار على الدرمختار، كتاب النكاح، مطلب التزوج بارسال كتاب، جلد:4، صفحه:86 ملتقطًا۔

زندگيءَ لاءِ گناهن جو دروازو کولي ڇڏيندي آهي. الله پاڪ اسان کي صحيح ديني احڪامَ سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بسم الله شريف جون برڪتون (وظيفو)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

جيڪو شخص لڳاتار 7 ڏينهن تائين بلاناغو روزانو 786 ڀيرا "بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهندو ڪري اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي هر دلي مراد ۽ جائز حاجت پوري ٿيندي. [1] الله پاڪ اسان سيني کي نيڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ۔

1...فيضان سنّت، فيضان بسم الله، صفحه:134۔